# پوڙهائپ ۾
# خدا جي ياد

(سنڌي)



- عمر جا چار حصا
- نقلي پوڙهو
- سڀ کان پهريان اڇا وار ڪنهن جا ٿيا
- سون جي قلم سان لکيون ويندڙ نصيحتون

پيشڪش: المدينة العلمية (دعوتِ اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **پوڙهائپ ۾ خدا جي ياد**

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1446هه، اگست 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدنی التجا: ڪنهن کی بہ هی ڪتاب ڇاپڻ جی اجازت ناهی


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنبڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

پوڙهائپ ۾ خدا جي ياد

# پيشڪش

## المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

# پوڙهائپ ۾ خدا جي ياد

دعاءِ عطار! ياربِّ ڪريم! جيڪو بہ مڪمل رسالو”پوڙهائپ ۾ خدا جي ياد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان ڪي پنهنجي عمر جي هر حصي: ننڍپڻ، جواني، پوڙهائپ ۾ پنهنجي عبادت جي توفيق عطا فرما ۽ ان ڪي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلّی اللّٰہُ علیہِ واٰلہٖ وسلّم

## فرشتن جي امامت (درود پاڪ جي فضيلت)

حضرت حفص بن عبدالله رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون امام المُحدّثين حضرت ابوزُرعه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي سندن وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو پهرين آسمان تي ملائڪن جي امامت ڪري رهيا آهن. مون پڇيو: اي ابو زرعه: توهان ڪي اهو اعزاز ڪيئن مليو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايائون: ”مون پنهنجي هٿ سان ڏهه (10) لک حديثون لکيون آهن ۽ مان هر حديث ۾ درود پاڪ پڙهندو هيس ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي تہ جيڪو مسلمان مون تي هڪ ڀيرو درود شريف

موڪليندو آهي ته الله پاڪ مٿس ڍڳ رحمتون نازل فرمائيندو آهي.

(شرح الصدور، ص 294)

قبر میں خوب کام آتی ہے　　　بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرود

(ذوق نعت، ص 125)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اڪيلائي ۾ رهندڙ بزرگ

عظيم تابعي بزرگ حضرت اِياس بن قتاده رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪو پنهنجي قوم جو سردار هو هڪ ڏينهن شيشي ۾ پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ هڪ اڇو وار ڏٺائين ته دعا ڪيائين: ”اي الله پاڪ! مان اوچتو ٿيندڙ حادثن کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو، مون کي خبر آهي ته موت منهنجي پٺيان آهي ۽ مان ان کان بچي نٿو سگهان.“ پوءِ هو پنهنجي قوم وٽ ويو ۽ چيائين ته اي بنو سعد! مون پنهنجي جواني توهان لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي هاڻ توهان مون کي پوڙهاپ ۾ آزادي ڏيو(يعني جوانيءَ ۾ مون توهان جو ڪم سنڀاليو هو، پر هاڻ بزرگيءَ ۾ مون کي الله جي عبادت ڪرڻ ڏيو) پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي گهر

تشريف کڻي آيا ۽ عبادت ۾ مصروف ٿي ويا ايستائين جو سندس وفات ٿي وئي. (بحر الدّموع،ص112 )

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلّم

ڪنهن شاعر ڇا ته خوب فرمايو آهي:

گوش وپادوش وخرد ہوش میں ہے کرنا ہے جو کر لے آج ہی

ڪجھ نصيحت پرين عربي شعرن جو ترجمو پڙهو!

(1)اي پوڙها شخص! ڇا پوڙهائپ اچڻ جي باوجود به تُون جهالت(يعني موت کي وساري دوکي) ۾ مبتلا آهين؟ هاڻ (هن عمر) ۾ تنهنجي طرفان جهالت جو مظاهرو بلڪل سنو ناهي؟

(2) تنهنجو فيصلو ته تنهنجي مٽي جي اچن وارن ڪري ڇڏيو آهي پر پوءِ به تون دنيا جي طرف مائل ٿئين ٿو فاني دنيا توکي دوکو ڏئي رهي آهي.

(3)فنا ٿيڻ واري دنيا تي افسوس ڪرڻ ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ ته هڪ ڏينهن تون به مرڻ وارو آهين ۽ اهڙي پختي ارادي سان

اڳتي وڏ (يعني عبادت ڪر) جنهن ۾ ڪا بہ بيهودگي جي ملاوت نہ رهي.

(4) مون پاڻ کي عبادت کان روڪي هلاڪت اختيار ڪئي آهي ۽ پنهنجي پُٺي تي وزني گناهن جو پار ڪنيو آهي ۽ نافرماني ڪري جڻ تہ مون پنهنجي رب کي چيلينج ڪري ڇڏيو جڏهن تہ هُو انعام ۽ احسان ۽ ڪرم وارو آهي. مان ان جي پڪڙ کان ڊڃڻ سان گڏوگڏ معافي ۽ درگذر جي اميد رکان ٿو ۽ مان اهو پڪو يقين رکان ٿو تہ رب تعالي حقيقي انصاف وارو حاڪمِ مطلق آهي. (بحر الدّموع،ص113 )

عمر بدیوں میں ساری گزاری — ہائے! پھر بھی نہیں شرمساری
بخش محبوب کا واسطہ ہے — یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
وِردِ لب کلمۂ طیّبہ ہو — اور ایمان پر خاتمہ ہو
آگیا ہائے! وقتِ قضا ہے — یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش،ص137)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اڳتي ڇا موڪليو؟

الله جي آخري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ٻڌو! الله تعاليٰ جو هڪ فرشتو هر ڏينهن ۾

رات جو آواز ڏئي ٿو تہ اي چاليهہ سال جي عمر وارؤ! فصل لڻڻ جو وقت اچي ويو آهي، اي پنجاهہ سالن وارؤ ! حساب جي تيار ڪريو، اي سٺ سالن وارؤ ! توهان اڳتي ڇا موڪليو آهي ۽ پنيان ڇا رکيو آهي؟ اي ستر سالن وارؤ! توهان ڪي ڪنهن شيءِ جو انتظار آهي؟ ڪاش جو مخلوق پيدا نہ ٿئي ها ۽ جيڪڏهن پيدا ٿي وئي تہ ڪاش پنهنجي پيدا ٿيڻ جو مقصد ڄاڻي وٺي ها پوءِ ان جي مطابق عمل ڪري ها خبردار! قيامت اوهان جي ويجهو اچي وئي هوشيار ٿي وڃو.

(حلية الاولياء، 167/8، رقم:11748بتغيرٍ)

اي منهنجا پيارا بزرگ اسلامي ڀائرو! ”پوڙهائپ“حسرت ۽ مايوسي جي زماني جو نالو آهي، شايد ئي ڪو پوڙهو هوندو جنهن کي هن عمر ۾ اچي پنهنجي گذريل زندگي تي افسوس نہ ٿيو هجي. جيڪڏهن هو نيڪ هوندو تہ نيڪ عملن، عبادتن رياضتن وغيره جي گهٽتائي تي افسوس ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪو پوڙهو اجا بہ گناهن سان ڀريل زندگي گذارڻ ۾ مصروف آهي تہ پوءِ اهو ”جهڙي نيت تهڙي مراد، جي مصداق هو حسرت ڪندو تہ ڪاش مان فلاڻو گناهہ بہ ڪري وٺان ها. مَعاذَ الله ، اَلاَمَانُ وَالْحَفِيْظُ الله ڪريم پنهنجي رضا جي مطابق اسان کي زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

ياد رکو! زندگي امانت آهي، الله پاڪ جي طرفان ڏنل جسماني عضوا بہ امانت آهن، جيڪڏهن اسان انهن کي الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ۾ استعمال ڪيو تہ تمام سٺو نہ تہ اهي جسم جا عضوا سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اسان جي عملن جي شاهدي ڏيندا، جيئن تہ الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورهٔ نور جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَّوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَ اَيْدِيْهِمْ وَ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۲۴﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن انهن جي خلاف سندن زبانون ۽ سندن هٿ ۽ سندن پير انهن جي عملن جي شاهدي ڏيندا. |

تجھے پہلے بچپن نے برسوں کھلایا
جوانی نے پھر تجھ کو مجنوں بنایا
بڑھاپے نے پھر آ کے کیا کیا ستایا
اجل تیرا کردے گی اک دن صفایا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عُذرقبول ناهي ڪندو؟

صحابي رسول حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله تعاليٰ ان شخص جي لاءِ ڪو بہ عذر باقي ناهي ڇڏيندو جنهن جي حياتيءَ کي موخر

ڪري ڇڏي ايتري تائين جو هُو 60 سالن جي عمر تائين پهچي وڃي. (بخاري 4/224، حديث: 6419)

هن حديث جي شرح فتح الباري ۾ هن طرح ڪئي وئي آهي يعني هاڻي هي بهانو نٿو ڪري سگهي ته جيڪڏهن مون کي مهلت ملي ها ته خدا جي حڪم تي عمل ڪريان ها. جڏهن هو سڄي زندگي طاقت جي باوجود عبادت کي ڇڏيندو رهيو ته هاڻي هن عمر ۾ هن وٽ ڪو به عذر ناهي بچو، هاڻي ان کي گهرجي ته استغفار ڪري. (فتح الباري: 12/202، تحت الحديث: 6419)

## پوڙهائپ ڪان پوءِ فقط موت آهي

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”هن عبارت جا ٻه مطلب آهن (1)) اَعذَر جي معنيٰ آهي: ”عذر دور ڪري ڇڏيندو آهي“ پوءِ مطلب هي ٿيندو ته ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ غفلت جو عذر ٻڌو ويندو پر جيڪو پوڙهائپ ۾ خدا جي طرف رجوع نه ڪري ان جو عذر قبول نه ٿيندو. ڇو ته ننڍپڻ ۾ جوانيءَ جي اُميد هئي جوانيءَ ۾ پوڙهائپ جي. هاڻي پوڙهائپ ۾ موت ڪان سواءِ ٻيو ڪهڙو انتظار آهي؟ جيڪڏهن هو اڃا به عبادت نٿو ڪري ته اهو سزا جي لائق آهي. ان جو ڪو به عذر ٻڌڻ جي قابل ناهي.

(2) اَعۡذَر جي معنيٰ آهي: ” معذور رکندو آهي.“ يعني جيڪو پوڙهو ماڻهو پوڙهائپ جي ڪري گهڻي عبادت نہ ڪري سگهي پر جوانيءَ ۾ گهڻي عبادت ڪندو رهيو هجي تہ الله تعاليٰ ان کي معذور قرار ڏئي ڪري ان جي اعمالنامي ۾ اها ئي جواني جي عبادت لکندو آهي. 60 سال مڪمل پوڙهائپ آهي. پوڙهي نوڪر کي پينشن ملندي آهي تہ هو مهربان رب بہ پنهنجي پوڙهن ٻانهن کي پينشن ڏيندو آهي پر پينشن ان کي ملندي آهي جيڪو جوانيءَ ۾ خدمت ڪندو رهي.

(مرآۃالمناجيح،7 /89 ملتقطاً)

## عمر جا چار حصا

حضرت علامہ غلام رسول رضوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا تہ: ڊاڪٽر چون ٿا تہ عمر جا چار حصا آهن: ((1) عمر جو هڪ حصو ننڍپڻ ۽ ٻاروتڻ آهي جيڪو ٽيهہ (30) سالن تائين آهي (2) عمر جو ٻيو حصو شباب (يعني جوانيءَ) جو آهي جو آهي هي چاليهہ (40) سالن تائين آهي (3) عمر جو ٽيون حصو ڪُهُولَت (يعني اڌڙوٽ) آهي، اهو 60 سالن تائين آهي (4) چوٿون حصو سن شَيۡخُوخَت (يعني پوڙهائپ)آهي، هي سٺ (60) سالن کان بعد آهي. هن ۾ انسان جي طاقت گهٽ ٿي

وجي ٿي، ڪمزوري، پوڙهائپ ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي. ۽ موت متي تي جڻ بينو هوندو آهي، هي الله پاڪ جي طرف توبه ڪرڻ جو وقت آهي. ترمذي ۾ حضرت سَيِدُنا ابُو هرَيرَه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سان مروي آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "منهنجي امت جون عمرون سٺ ۽ ستر سالن جي وچ ۾ آهن.

تمام ٿورا ماڻهو ان کان وڌيڪ عمر ماڻيندا آهن. اَلحاصِل انسان سٺ (60) سالن تائين مضبوط رهي ٿو، ان کان پوءِ ان عمر ۾ ڪمزوري ۽ پوڙهائپ شروع ٿي وڃي ٿي. هن عمر ۾ الله پاڪ ان جا سڀ عذر ناقابلِ قبول ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته بلوغت کان وٺي سٺ (60) سالن تائين ڪافي وقت آهي جنهن ۾ هُو سوچ ويچار ڪري سگهي ٿو. (تفهيم البخارى،9 / 703)

اي منهنجا پيارا بزرگ اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن الله نه ڪري ننڍپڻ، ٻاروتڻ ۽ جواني ۽ اَڌڙوٽ عمر ۾ الله پاڪ جي نافرماني وارا ڪم ٿي ويا آهن ته پوءِ هاڻي به موقعو آهي ته ان مان فائدو وٺو ۽ رحم ۽ ڪرم ڪرڻ واري پنهنجي پياري پياري الله پاڪ جي پاڪ بارگاهه ڏانهن موٽي اچو! اجا وقت آهي ساهه هلي رهيو آهي، اجان دنيا جي بهار ۾ خزان ناهي

آئي، عام انسان جي زندگيءَ ۾ زندگيءَ جا سيئي دورَ گذري ويا. ننڍپڻ راندين ۾ گذري ويو، ٻاروتڻ دوستن جي محفلن ۾ هليو ويو، بي وفا جواني خوب مستين ۽ غفلتن سان گذري وئي ۽ هاڻي قبر جي ڪُڏ ۾ لهڻ تائين وفادار پوڙهائپ آهي. پوڙهي جي لاءِ سڀ کان وڏي نصيحت موت آهي، جيڪڏهن ڪو پوڙهو ٿيڻ جي باوجود غفلت جي ننڊ مان نہ جاڳندو هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ هن کي اهو سوچڻ گهرجي تہ هو جلد ئي هن دنيا مان وڃڻ وارو آهي.

گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے | قبر میں تنہا قِیامت تک رہے
جب فِرِشتہ موت کا چھا جائے گا | پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا
تیری طاقت تیرا فن عُہدہ ترا | کچھ نہ کام آئے گا سرمایہ ترا
گورِ نیکاں باغ ہوگی خُلد کا | مجرموں کی قبر دوزخ کا گڑھا
کھلکھلا کر ہنس رہا ہے بے خبر! | قبر میں روئے گا چیخیں مار کر
کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی
وقتِ آخر یاخدا! عطّار کو | خیر سے سرکار کا دیدار ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 70 سال عبادت ۽ رياضت

عظيم تابعي بزرگ حضرتِ مسروق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ايتري ڊگهي نماز پڙهندا هئا جو سندن پير سڄي ويندا هئا ۽ اهو ڏسي ڪري

سندن گهر وارن کي انهن تي ترس ايندو هو ۽ اهي روئڻ لڳندا هئا. هڪ ڏينهن سندس ماءُ چيو : ”اي منهنجا پٽ ! تون پنهنجي ڪمزور جسم جو خيال ڇو نٿو رکين؟ تون ان تي ايتري مَشقّت ڇو ٿو وجهين؟ توکي ان تي ٿورو به رحم نٿو اچي؟ ٿوري دير جي لاءِ ته آرام ڪندا ڪيو ڇا الله پاڪ دوزخ جي باھ صرف تنهنجي لاءِ پيدا ڪئي آهي ته ان ۾ تو کان سواءِ ڪو ٻيو نه اڇلايو ويندو؟ انهن جواب ڏيندي عرض ڪيو: اي منهنجي ماءُ انسان کي هرحال ۾ ڪوشش جاري رکڻ گهرجي. پياري امڙ سائڻ قيامت جي ڏينهن منهنجي باري ۾ ٻه ڳالهيون هونديون. يا ته مون کي معاف ڪيو ويندو يا منهنجي پڪڙ ٿيندي جيڪڏهن منهنجي مغفرت ٿي وئي ته هي محض الله پاڪ جو فضل ۽ ڪرم ٿيندو ۽ ان جي رحمت ۽ جيڪڏهن مون کي پڪڙيو ويو ته پوءِ بيشڪ منهنجي رب جو عدل و انصاف ٿيندو، تنهنڪري مان هاڻي ڪيئن آرام ڪريان؟ مان پنهنجي نفس کي مارڻ جي پوري ڪوشش ڪندو رهندس انشآءَ الله الڪريم. جڏهن سندن وفات جو وقت ويجهو آيو ته انهن روئڻ شروع ڪيو ماڻهن سوال ڪيو: ”توهان ته سڄي زندگي عبادت ۾ گذاري آهي، هاڻي

چو روئي رهيا آهيو؟“ فرمايائون: مون کان وڏيک ڪنهن کي روئڻ گهرجي جو مان ستّر سالن کان جيڪو دروازو وڄائيندو رهيس، اڄ ان دروازي کي کوليو ويندو پر اها خبر ناهي ته جنت جو دروازو کلي ٿو يا جهنم جو..؟ ڪاش! منهنجي ماءُ ئي مون کي نه ڄڻيو هجي ها ۽ مون کي هي مشقت نه ڏسڻي پئي ها. (حکايات الصالحين،ص36بتغيرٍ)

الله پاڪ جي انهن جي مٿان رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلّى الله عليهِ واٰله وسلّم

## ڏاڙهيءَ مبارڪ جا اچا وار

حضرت ابو جُحَيْفه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن جاءِ تي سفيدي ڏٺي آهي. اهو چوندي سندن پنهنجي ٻُچي (چپ مبارڪ ۽ ڄاڙي جي وچ جي وارن) جي طرف اشارو ڪيو. (مسلم، ص981،حديث:2342 ملتقطاً)

## آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اچا وار

خادمِ نبي حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته ”جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي وفات ٿي ته سندن

مٿي ۽ ڏاڙهي ۾ ويهه (20) وار به اڇا نه هئا.“ (بخاري، 487/2، حديث: 3548) حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان پڇيو ويو ته: اي ابو حمزه (هي حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ڪنيت هئي)! پياري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ ته ڪافي ٿي چڪي هئي ”فرمايائون: الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پوڙهائپ سان عيبدار نه ڪيو. پڇيو ويو: ”ڇا هي عيب آهي؟ فرمايائون: ”توهان مان هر هڪ ان کي (يعني پوڙهائپ) کي پسند ناهي ڪندو.“ (قوت القلوب، 244/2)

## ڪاش ايتري وقت تائين حسنِ مصطفيٰ ڏسندو رهان

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مٿي يا ڏاڙهيءَ شريف جا مبارڪ وار ايتري قدر اڇا نه ٿيا جو خضاب لڳائي سگهجي ، فقط چند وار اڇا ٿيا هئا. هتي شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن فرمايو ته اڇا وار ته تمام ٿورا هئا، ڪجھ وار ڳاڙها ٿي ويا هئا يعني اڇا ٿيڻ وارا هئا، هي آهي صحابي سڳورن جو عشقِ رسول جو حليو مبارڪ جيئن هو تيئن بيان ڪري ڇڏيو. خدا ڪري هي حليو شريف قبر ۾ ياد رهي جو اُن تي اُتان جي ڪاميابي موقوف آهي.

شهنشاهِ سخن مولانا حَسَن رضا خان حَسن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪن ٿا:

اتنی مدت تک ہو دیدِ مصحف عارِض نصیب حفظ کرلوں ناظرہ پڑھ پڑھ کے قرانِ جمال

(ذوقِ نعت،ص120)

الفاظ و معاني: ديد: ديدار، مصحف: قرآن ڪريم. عارض: چهره. جمال: خوبصورتي.

شرحِ ڪلامِ حسن: ڪاش ايتري وقت تائين حسنِ جمالِ مصطفٰي ڏسندو رهان جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جمال هر حال ۾ منهنجي نگاهن جي سامهون رهي.

## نقلي پوڙهو

نقل ڪرڻ ۾ سنو آهي، ان سلسلي ۾ ”مَعدَنِ اَخلاق“ حصو اوّل صفحي 54 تي ڏنل هڪ دلچسپ واقعو الفاظ جي ڪجھ تبديلي سان عرض ڪيان ٿو: هڪ ڪاميڊين پنهنجي مرڻ وقت پنهنجي دوست کي وصيت ڪئي ته جڏهن مون کي دفن ڪرڻ لڳو ته منهنجي ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن ۾ اٽو ڇڙڪي ڇڏجو دوست چيو: ”يار! تون زندگيءَ ۾ ته مذاق مسخري ڪندو رهيو آهين، هاڻي آخري وقت ۾ ته ان کي ڇڏ!! ان چيو: جيڪڏهن تون واقعي منهنجي ڀلائي چاهين ٿو ته پوءِ

جيڪو مان چوان سو ڪجانءِ. دوست ڪليو ۽ راضي ٿي ويو ۽ مرڻ کان پوءِ ان دفن ڪرڻ وقت ان جي ڏاڙهيءَ ۽ مٽي جي وارن ۾ اٿو وڌو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن پنهنجي فوت ٿيل دوست کي خواب ۾ ڏسي پڇيو تہ: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو معاملوڪيو؟ مرحوم چيو تہ: مون کان سوال ٿيو تہ تو اٿو ڄڙڪڻ جي وصيت ڇو ڪئي هئي؟ مون عرض ڪيو: اي الله! مون تنهنجي محبوب مُحَمَّدٌ رَّسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو فرمان ٻڌو هو: ”اِنَّ اللّٰهَ لَيَسْتَحْيِ عَنْ ذِی الشَّيْبَةِ الْمُسلِم يعني بي شڪ الله پاڪ مسلمان جي پوڙهائپ کان حياء فرمائيندو آهي.“ (معجم اوسط، 82/4، حديث:5286ملتقطاً) پوڙهو ٿيڻ منهنجي وس ۾ نہ هو انڪري مون سوچيو تہ ”يلا“ پوڙهائپ جي صورت ئي بڻائي ونان“پوءِ الله پاڪ فرمايو: وڃ ! مون توکي بخشي ڇڏيو.

رحمتِ حق بہا،نہ مے جُوید      رحمتِ حق بہانہ مے جُوید

يعني الله پاڪ جي رحمت ڪا قيمت ناهي گهرندي. الله پاڪ جي رحمت بهانو گهرندي آهي.

## اڇا وار قيامت جي ڏينهن نور هوندا

اَڄڪلهه، وڏي عمر وارا ماڻهو عام طور تي اڇن وارن کان لهرائيندا آهن حالانڪ مسلمان هجڻ جي حالت ۾ پوڙهائپ سبب اڇا وار اڇڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي. آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اڇا وار نه پٽيو ڇو ته اهي قيامت جي ڏينهن نور هوندا. جنهن جو هڪ وار اڇو نڪتو اللہ تعاليٰ ان لاءِ هڪ نيڪي لکندو ۽ ان جو هڪ گناهه معاف ڪندو ۽ ان جو هڪ درجو بلند ڪندو. (الترغيب والترہيب،86/3،حديث:6)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ شَابَ شَيْبَةً فِي الْاِسْلَامِ كَانَتْ لَهُ نُوْرًا يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ

ترجمو: جيڪو اسلام ۾ پوڙهو ٿيو ته ان لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندو. (مشكوٰة المصابيح،37/2،حديث:3873)

يعني جيڪڏهن جوانيءَ ۾ پوڙهائپ اسلام ۾ گذري ته اهو نور حاصل ٿيڻ جو سبب آهي. معلوم ٿيو ته پراڻو مسلمان ان لحاظ کان نئين مسلمان کان افضل آهي. هن حديث جي بنياد تي ڪجهه عالمن فرمايو ته مٿي ۽ ڏاڙهيءَ مان اڇا وار نه پٽي ڇاڪاڻ ته اهو نور آهي. (مرآة المناجيح، 473/5 بتغيرٍ)

## سفيد(اڇا) وار پَٽڻ جو عذاب

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”جيڪو شخص ڇاڻي واڻي اڇو وار پَٽيندو قيامت جي ڏينهن اهو نيزو ٿي ويندو جيڪو هن کي هنيو ويندو.“ (ڪنزالعمال ،281/3،جز:2،رقم:17276)

## سيني ڪان پهريان اڇا وار ڪنهن کي ٿيا

الله پاڪ جي پياري نبي حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام سيني ڪان پهريان اڇا وار ڏٺا، عرض ڪيو: اي رب! هي ڇا آهي؟ الله پاڪ فرمايو: ”اي ابراهيم! هي وقار آهي. عرض ڪيو: اي منهنجا رب! منهنجي وقار ۾ اضافو ڪر.

(مؤطا امام مالڪ،415/2، حديث: 1756 )

## اڇا وار ڏسي موت کي ياد ڪرڻ وارو بادشاھ

اڳوڻي زماني ۾ هڪ بادشاھ پنهنجي گهر ۾ هڪ تابوت رکيو هو، جنهن کي ڏسي ڪري هُو پنهنجي موت کي ياد ڪندو هو. هڪ دفعي صبح جو جڏهن هن شيشي ۾ پنهنجو چهرو ڏٺو ته ڏاڙهيءَ ۾ هڪ اڇو وار نظر آيو، ان چيو ته هاڻي هي موت کي ياد ڏياريندڙ تابوت ڪنيو وڃي ڇوته منهنجي ڏاڙهيءَ ۾ اڇو وار اچي ويو آهي جيڪو موت جو قاصد

(يعني پيغام ڏيندڙ) آهي تنهنڪري هاڻي مان انهيءَ کي ڏسي ڪري موت کي ياد ڪندس.

## ڪاري وارن کان بعد اڇي وارن جو اچڻ

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ پنهنجي پٽ کي فرمايو: ڪاري وارن ۾ اڇي وارن جو اچڻ توکي الله جي نافرمانيءَ کان روڪي ٿو. (موسوعۃ ابن ابی الدنیا، 562/7، حدیث: 26)

## پوڙهائپ اچي وئي پر برايون نہ ويون

هڪ دفعي بايزيد بسطامي آئينو ڏٺو تہ سندس مٿي ۽ ڏاڙهيءَ ۾ اڇا وار ڏسي ڪري (بطور عاجزي پنهنجو پاڻ کي) فرمايائون: ظَهَرَ الشَّيْبُ وَلَمْ يُذْهِبِ الْعَيْبُ يعني پوڙهائپ تہ اچي وئي پر عيب نہ ويا.

(مرقاۃ المفاتیح، 433/7، تحت الحدیث: 3873)

جعفر بن محمد خُراساني فرمائن ٿا تہ: هڪ پوڙهي ماڻهوءَ کي چيو ويو تہ: اوهان پنهنجي باقي رهيل زندگيءَ ۾ ڪنهن شيءِ کي پسند ڪيو ٿا؟ جواب ڏنو: (پنهنجي) گناهن تي روئڻ کي. (موسوعۃ ابن ابی الدنیا، 562/7، حدیث: 28)

ہے بڑھاپا بھی غنیمت جب جوانی ہو چکی — یہ بڑھاپا بھی نہ ہو گا، موت جس دم آ گئی

## ويهن سالن کان پوءِ توبہ

چيو ويو آهي تہ بني اسرائيل جي هڪ نوجوان ويهہ سال تائين اللہ پاڪ جي عبادت ڪئي پوءِ ايتري ئي عرصي تائين نافرمانيءَ ۾ مبتلا رهيو. هڪ ڏينهن آئيني ۾ ڏاڙهيءَ جا اڇا وار ڏسي ڪري هن پنهنجي نافرماني کان توبہ ڪئي ۽ خدا کان دعا گهري تہ: يااللہ پاڪ! مون 20 ويهہ سال تائين تنهنجي عبادت ڪئي پوءِ 20 سال تائين تنهنجي نافرمانيءَ ڪئي جيڪڏهن مان تو وٽ موٽي اچان تہ پوءِ ڇا تون منهنجي توبہ قبول ڪندين؟ تہ ان هي غيبي آواز ٻڌو: تو اسان سان دوستي ڪئي، تہ اسان بہ توسان محبت ڪئي، جڏهن تو اسان کي ڇڏي ڏنو تہ اسان بہ توکي ڇڏي ڏنو، تو اسان جي نافرماني ڪئي تہ اسان تو کي مهلت ڏني، هاڻي جيڪڏهن تون اسان وٽ ايندين تہ اسان تو کي قبول ڪنداسين. " (احياء العلوم،19/4)

## سون جي قلم سان لکيون وينڊڙ نصيحتون

امام عبدالرحمٰن ابن جوزي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ زندگيءَ جي قدر ۽ قيمت بيان ڪندي، پوڙهائپ جي منزل تي موجود، آخرت جي سفر جي مسافرن کي نيڪين جي سوغات گڏ ڪٽي وجڻ جي ترغيب ڏيندي فرمائن ٿا:

اي زادِ راهه(سازوسامان) جي بغير سفر ڪرڻ وارا! منزل تمام پري آهي جڏهن ته تنهنجي اک سڪل ۽ دل لوهه کان به وڌيڪ سخت آهي، جڏهن ته تون هر ايندڙ ڏينهن ۾ گناهن جي سمنڊ ۾ غرق رهندو آهين ته پوءِ تو کان وڌيڪ تڪليف جو حقدار ڪير هوندو؟ افسوس! جواني توکي جاڳائي نه سگهي ۽ نه ئي پوڙهائپ توکي ديڄاري سگهي، حد ته اها آهي جو تنهنجي وارن جي اڇاڻ به توکي گناهن کان نه روڪي سگهي مون کي تنهنجي ڪاميابي مشڪل نظر اچي رهي آهي، آخرت جي فڪر ڪرڻ وارن کي ڏس! ته اهي ڪاٿي پهچي ويا! اهي پُرسڪون بستر کي ويڙهي الله پاڪ جي حضور ۾ روئڻ ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ ۾ لڳي ويا، سندن رخسارن تي وهندڙ ڳوڙهن نشان وجهي ڇڏيا آهن. (بحر الدموع، ص 147)

اي منهنجا ڀاءُ! تو پنهنجي زندگي کي راند روند ۾ برباد ڪيو جڏهن ته ٻيا ماڻهو مقصد ماڻي ويا ۽ تون انهن کان پوئتي رهجي وئين، ڇا تو ڪڏهن ٻڌو آهي ته فلاڻو (مرڻ کان پوءِ) واپس آيو ۽ ان توبهه ڪئي.

اي اُهي شخص جنهن وٽ خوش بختي جو وقت موجود آهي! تون نفساني خواهشن جي ڄار مان ڪڏهن آزاد ٿيندين

۽ ڪڏهن پنهنجي عزت دار ۽ خوبين واري مولا ڏانهن رجوع ڪندين؟ اي مسڪين! ڪاش تون توبهه ڪرڻ وارن جو غم ڏسي سگهين ها ۽ خوف رکڻ وارن جي وعيد جي دهشت کان ٿيڻ واري بيقراري ڏسين ها جن پنهنجي اکين جي ٿڌاڻ ڪي نماز، زڪواة ۽ دنيا کان بي رغبتي ۾ رکيو، جڏهن ته بدبختن پنهنجون جوانيون غفلت ۾ ۽ پوڙهائپ لالچ ۽ ڊگهي اميدن ۾ برباد ڪري ڇڏيون، تو نه ئي پنهنجي جوانيءَ کان نفعو ڪنيو ۽ نه ئي پنهنجي پوڙهائپ ۾ رجوع ڪيو، اي پنهنجي جواني ۽ پوڙهائپ برباد ڪرڻ وارا...

پوڙهائپ توکي موت جي واضح خبر ڏني آهي. اي زندگيءَ جا مسافر! تون حد کان گذري ويو آهين، پنهنجي آزمائش تي ڳوڙها ڳاڙ ڪٿي ائين نه ٿئي جو توکي تڙيو وڃي، اي اهي شخص! جنهن جي عمر اڪثر گذري وئي ۽ گذريل وقت واپس نٿو اچي سگهي، نصيحتن تنهنجي رهنمائي ڪئي ۽ پوڙهائپ توکي خبردار ڪري ڇڏيو ته موت قريب آهي ۽ زبانِ حال کان پڪاري پڪاري چئي رهيو آهي.

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ۚ﴿۶﴾ | **ترجمو ڪنزالعرفان:** اي انسان! بيشڪ تون پنهنجي رب جي طرف ڊوڙڻ وارو آهين پوءِ ان سان ملڻ وارو آهين. (بحرالدموع،ص48، 152 ملتقطاً) |

منهنجا پيارا بزرگ اسلامي ڀائرو! هي پوڙهائپ خاص طور تي توبہ ۽ استغفار ڪرڻ ۽ گناهن کان رڪڻ جو وقت آهي، هڪ روايت ۾ آهي تہ: ”جنهن جي عمر جا چاليهہ سال گذري ويا آهن ۽ ان جي ڀلائي ان جي برائي تي غالب ناهي آئي تہ ان کي گهرجي تہ جهنم جي لاءِ تيار ٿي وڃي.

(تنزيه الشريعة المرفوعة، 205/1،رقم:68)

جيڪڏهن مجاهدي جي مشقت نہ هجي ها تہ ماڻهن کي ”ڪامل مرد“ جو نالو نہ ڏنو وڃي ها. اي مرده دل جيڪڏهن تون جوانيءَ ۾ نيڪين ڏانهن مائل نہ ٿي سگهينءَ تہ پوءِ تون پوڙهائپ ئي ۾ مائل ٿي وڃ، ڇو تہ مٿو اڇو ٿيڻ کان پوءِ راند روند بيڪار آهي، ۽ پوڙهائپ ۾ نافرماني وڏيڪ بري آهي، جڏهن توکي ڇيو ويندو تہ تو جوانيءَ کي غفلت ۾ ضايع ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي پوڙهائپ ۾ (نيڪ) عملن جي گهٽتائيءَ تي روئين ٿو جيڪڏهن تو کي خبر هجي ها تہ تو لاءِ ڪهڙو عذاب تيار ڪيو ويو آهي تہ تون سڄي رات روئڻ ۾ گذاري ڇڏين ها.

پوڙهائپ جي گهٽتي دنيا مان وڃڻ جو اعلان ڪري رهي آهي، تہ اي شخص! آخرت جي تياري ڪري وٺ، ڪيستائين عذر جو بهانو ڪندين؟ ڪيستائين سستي ڪندي؟ ڪيستائين غفلت ڪندي؟ مان توکي قيامت جي ڏينهن معذور نٿو ڏسان، تنهنجي ملاقات جو گهر ويران آهي جڏهن

تہ جدائي جو گھر آباد آهي، قدم اڳتي وڌاءِ شايد توبہ جي ذريعي ڪوتاهيون دور ٿي وڃن ۽ گناهن کان معافي ملي وڃي ۽ سحري جي وقت جو هڪ سجدو اهڙو ڪر جيڪو توکي قيامت جي ڏينهن جي وحشتن کان نجات ڏياري.

اي توبہ ڪرڻ وارؤ! اچو اسان پنهنجي گناهن تي روئون، هي روئڻ جو مقام آهي. اي توبہ ۾ سستي ڪري پوڙهائپ جي حصي ۾ داخل ٿيڻ وارا! اي غفلت ۾ پنهنجي جواني وڃائڻ وارا! اي پنهنجي بڇڙن ڪمن جي ڪري خدا جي بارگاه کان پري ٿيڻ وارا! تون جوانيءَ ۾ غافل رهين، جيڪڏهن پوڙهائپ ۾ بہ ائين توبہ کان محروم رهين تہ پوءِ خدا جي دربار ۾ ڪڏهن حاضر ٿيندين؟ هي دوستن جو طريقو تہ ناهي، تنهنجو ظاهر تہ آباد آهي، پر افسوس تنهنجو باطن برباد ۽ ويران آهي. ڪيتريون نافرمانيون تون ڪري چڪو آهين جن جي ڪري تنهنجي ۽ الله جي وچ ۾ پردا رڪاوٽ بڻجي چڪا آهن.

تو پنهنجي زندگي جا بهترين ڏينهن گناهن ۾ گذاريا. آخر تون اصلاح ڏانهن ڪڏهن ايندين؟ جيڪڏهن تون پنهنجي گذريل عمر ۾ نيڪين کي اڳتي موڪلين ها تہ تنهنجو حساب هلڪو ڪيو وڃي ها، هاڻي تہ هي ڪيئن هلڪو ٿيندو

جڏهن تو پنهنجي زندگي غفلت ۾ دنياوي مال گڏ ڪرڻ ۾ گذاري.
جڏهن پوڙهائپ موت کان ڊيڄاريو ۾ تو پنهنجا (نيڪ عمل) اڳتي نہ موڪليا تہ تون ڇا جواب ڏيندين.؟
ڪاش ڪو مون کي سمجهائي ها تہ گنهگارن کي پنهنجي زندگي آخر ڇگي ڇو لڳندي آهي.

## چند عربي شعرن جو ترجمو

جڏهن ملاقات ۾ راضي ٿيڻ جو زمانو گذري ويو تہ تون گذريل معاملي کي موٽائڻ جو مطالبو ڪرڻ لڳين، تون ڇو نہ آئين جڏهن تہ تو سان ملاقات جو وقت موجود هو ۾ تنهنجي پوڙهائپ جي اڇاڻ ڏندن (جي اڇاڻ) کان وڌيڪ چمڪدار هئي.
(بحرالدموع،ص49)

ہوئی جاتی ہے ہائے عمر ضائع جانتا ہوں میں
نہیں آئے گا ہرگز وقت گزرا یارسول اللہ
نکلنے والی ہے اب روحِ مضطر جسم سے جاناں
کرم! ایماں کو ہے شیطاں سے خطرہ یارسول اللہ
(وسائلِ بخشش،ص346)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# هفتيوار رسالي جو مطالعو

الحمدُلله! امير اهل سنت باني
دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ / خليفہ امير
اهل سنت الحاج ابو أسَيد عُبيد رضا مدني جي طرفان هر هفتي هڪ
رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشاءالله الڪريم! لکين
اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري امير
اهل سنت/ خليفہ امير اهل سنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي
رسالو Audio ۾ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.Dawateislami.net
يا Read and listen Islamic book ايپلي ڪيشن تان فري ۾ ڊائون لوڊ
ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي
مرحومن جي ايصال ثواب جي لاءِ تقسيم بہ ڪيو.


فيضان مدينہ محلہ سوداگران، پراني سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net